ڊاڪٽر سعيده شفيق ميمڻ

# تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون (ڪالم) جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

## (1972ع کان 1977ع تائين)

***Abstract:***

*Amar Jaleel is one of the most prominent short story writer and columnist of Sindhi literature. He started column writing in 1972 with Daily Hilal-e Pakistan under the title, "Tunhijiyoon, muhinjiyoon gaalhiyoon."*

*This study analyses his columns from 1972 to 1977, in three perspectives: style, topic and language. Amar Jaleel's columns are different from other columnists mainly due to his style. His innovative ways of using Sindhi proverbs sets him apart. He has almost always chosen topics which portray our behavior regarding social and political issues.*

*These three different aspects of his columns are elaborated upon in detail in this study.*

**ڪالم** نويسي نثر جي اها صنف آهي، جنهن جو تعلق صحافت سان آهي.ڪالم لفظ انگريزي ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي معني آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنريءَ ۾ هيءَ ڏنل آهي، ”اخبارجو هڪ خاص حصو جو ڪنهن موضوع لاءِ مختص هجي.(۱) اخبار جو صفحو ڪالمن تي مشتمل هوندو آهي ، انهيءَ ڪري ڪنهن به روزانه يا هفتيوار اخبار ۾ ايڊيٽوريل صفحي تي ڇپجندڙ تحريرون جي ڪنهن مخصوص عنوان هيٺ لکيون وڃن، ڪالم سڏيون وڃن ٿيون. ڪالم روزانه توڙي هفتيوار لکيا ويندا آهن. ڪالم دراصل خبرن جي ڪوڙاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ انگريزي زبان ۾ لکجڻ شروع ٿيا.جنهن سبب شروعات ۾ انهن جو انداز طنزيہ ۽ مذاحيہ رهيو پر پوءِ وقت گذرڻ سان گڏ انهن ۾ سنجيدگيءَ وارو عنصر پڻ پيدا ٿيو. سنڌيءَ ۾ ڪالم نويسيءَ جي ابتدا اڻويهين صديءَ جي آخر ڌاري شمس الدين بلبل سنڌ مدرسي طرفان نڪرندڙ معاون مجمع ذريعي ڪئي. هن جو لکيل اهو ڪالم طنزيہ ۽ مذاحيہ اسلوب جو حامل هو. ويهين صديءَ ۾ اخبار نويسيءَ جي ارتقا سان گڏ ڪالم نويسيءَ جي ارتقا پڻ





جاري رهي. ڪالم نويسن خبرن تي تبصرن سان گڏ انهن پٺيان لڪل حقيقتن جي ڄاڻ به ڏيڻ شروع ڪئي، جنهن سبب ڪالمن جي مقبوليت ۾اضافو ٿيو ۽ اهي هر اخبار جي ضرورت بڻجي ويا

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ صوبي ۾ گهٽيون اخبارون حيدرآباد مان نڪرنديون هيون. هلال پاڪستان اخبار جو پهريون دور ۱۹۴۶ع ۾، پڻ حيدرآباد کان شروع ٿيو. ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو لکي ٿو،” ۱۹۶۹ع ۾ هلال پاڪستان اخبار پيپلز پارٽيءَ جي ترجمان ٿي انهيءَ جي سرپرستيءَ ۾ نڪرڻ شروع ٿي. ادارت جا فرض شيخ علي محمد انجام ڏيندو هو، بعد ۾ ڪن سببن جي ڪري ادارت جو ڪم سراج الحق ميمڻ حوالي ڪيو ويو ۽ اخبار جي اشاعت ڪراچيءَ مان ٿيڻ لڳي.“(۲) سراج الحق ميمڻ بنيادي طور صحافي ڪونه هو، پر هن ادارت جو ڪم تمام سهڻي نموني سنڀاليو ۽ هلال پاڪستان اخبار کي عروج تي پهچايائين. خاص ڪري مشهور ڪهاڻيڪار امرجليل کي ڪالمن لکڻ لاءِ راضي ڪرڻ هن جو اهو قدم هو، جنهن سان اخبار جي مقبوليت ۾ ڪافي اضافو ٿيو.

امرجليل جو نالو سنڌي ادب ۾ ڪنهن خاص تعارف جو محتاج ڪونهي، هو پڙهندڙن ۾ اعلي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مشهور آهي، جڏهن ته ڪالم نويس جي حيثيت ۾ پڻ هو مڃتا ماڻي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪالم لکڻ جي شروعات هن هلال پاڪستان اخبار کان ۱۹۷۲ع ۾ ڪئي. جنهن جي باري ۾ امر جليل پاڻ لکي ٿو، ”ڪراچيءَ ۾شيزان هوٽل جي ڏاکڻي دريءَ پرسان چانهه پيئندي سراج مونکان هفتي ۾ پنج ڪالم لکڻ جو انجام ورتو هو ، موٽ ۾ مون کائنس مکمل آزاديءَ سان لکڻ جي پڪ ورتي هئي. اسان ٻنهي ڄڻن ڇهن سالن تائين هڪٻئي کي ڏنل عهدنامي تي سختيءَ سان عمل ڪيو.(۳) هن تحقيقي مقالي ۾اسان امرجليل جي ۱۹۷۲ع کان ۱۹۷۷ع تائين لکيل ڪالمن کي هيٺين تحقيقي معيارن تي پرکينداسين.

۱. اسلوب/ انداز جو معيار

۲. موضوعاتي معيار

۳. ٻوليءَ جو معيار



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## اسلوب/انداز جو معيار:

ڪنهن به ادبي تخليق جي اها خصوصيت، جنهن جو واسطو خيال يا موضوع جي مناسبت،صورت ۽ اظهار سان ٿئي ٿو، اهو اسلوب آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته، ”مصنف جو اهو خاص طريقو جنهن سا ن هو لفظن جي ذريعي سان پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو، انکي اسلوب ڪوٺجي ٿو“.(۴) اسلوب جي حوالي سان چار شيون بلڪل واضح آهن.

۱. لسانياتي چونڊ

۲. عموميت کان پاسو

۳. موثر اظهار بيان

۴. غير معمولي لسانياتي استعمال

امرجليل جي ڪالمن جي خاص خوبي انهن جو اسلوب آهي. ’تنهجيون منهنجيون ڳالهيون‘ جي عنوان هيٺ لکيل ڪالم، ضمير متڪلم(first person singular) ۾ لکيل آهن. عام طور تي ڪالم لکڻ لاء ضمير متڪلم جو انداز ئي رائج آهي، پر امرجليل انهن ڪالمن ۾ علامتن ذريعي طنز جو استعمال اهڙيءَ مهارت سان ڪيو آهي جو انهيءَ کي غير معمولي لسانياتي استعمال چئي سگهجي ٿو. اسلوب ۾ طنز جو اهڙو ماهرانه استعمال انگريزي زبان جي ڪالم نويس مارڪ ٽوئن جي ڪالمن ۾ پڙهڻ ۾ آيو هو، جيڪي هن ڪالم نويسيءَ جي ابتدائي دور ۾ لکيا.

علامت (symbol) اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي لفظ symbolon تان ورتو ويو آهي، جنهن جي لغوي معني آهي، تمغو، امتياز، معاهدو. جڏهن ته اصطلاحي معني آهي ته اڏمن، جذبن ۽ احساسن توڙي تصورن کي چٽو پٽو نه بلڪ علامتي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي، يعني انهيءَ ۾ اظهار جوادراڪ ته ٿئي، پر چٽيءَ طرح ظاهر نه ٿئي.“(۵) عموميت کان پاسو ڪندي،امر جليل علامتن کي ڪيئن استعمال ڪيو آهي، مثال طور هڪ پئراگراف هيٺ لکجي ٿو، ”ڪجھ ڏينهن ٿيندا،ڪراچيءَ جي سرڪاري باغيچي ۾هڪ نانگ جي آپريشن ڪئي ويئي هئي. نانگ جي آپريشن پنهنجي نوعيت جي پهرئين آپريشن هئي. اسانجي ملڪ ۾ روايت آهي ته جڏهن به ڪوڏو، انوکو ۽ غير





متوقع ڪم يا واقعو ٿيندو آهي تڏهن اسين اخبار وارا عام ماڻهوءَ کان ان ڪم يا واقعي متعلق تاثرات پڇندا آهيون. گهٽي پڇ پڇان کان پوءِ مان هڪ آڙيڪاپ سياستدان جو انٽرويو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيس.سندس سپ کان وڏو اهوڪارنامون آهي جو هر دور ۾ سندس هاهاڪار ۽ ناماچار هوندو آهي.سياسي ردوبدل جو مٿس ڪو اثر ڪونه ٿيندو آهي. سندس سچ هميشہ چوٽ چڙهيل هوندو آهي. هن نانگ جي آپريشن متعلق پنهنجو رايو ڏيندي چيو، ”حقيقت ۾ نانگ ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي وهنوار ۾نهايت اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. مونکي خوشي آهي ته نانگن خلاف تعصب کي ختم ڪيو ويو آهي ۽ نانگن جي اهميت کي محسوس ڪيوويو آهي.مونکي اميد آهي ته هينئر هر قسم جا نانگ بنا ڪنهن خوف،خطري جي باوقار زندگي گذاريندا.(۶)

متئين پيراگراف جي ڪجھ لفظن تي غور ڪنداسين ته معني ۽ مفهوم واضح ٿي ويندا. ’سرڪاري باغيچو‘، ’نانگ‘، ’آڙيڪاپ‘، علامتي انداز ۾ بيان ڪيل آهن. نانگ جي فطرت آهي ڏنگڻ، هو جڏهن ڪنهن جو ٿورو به مچيندو آهي ته پنهنجي فطرت مطابق يعني ڏنگڻ سان سو هن معاشري ۾ موجود اهڙي فطرت رکندڙ ماڻهن کي پڻ نانگ سڏيو آهي. سنڌي ڪالمن ۾ علامتن جو استعمال غلام محمد گراميءَ پڻ ڪيو آهي،جيڪي هن مذاحيات جي عنوان هيٺ روزانه عبرت ۾ ۱۹۶۰ع جي ڏهاڪي ۾ لکيا پر امرجليل علامتن کي نئين اسلوب ۾ لکيو آهي. گرامي صاحب امرجليل جي فن جي باري ۾ راء ڏيندي لکي ٿو، ”امرجليل جو فن، هن دور جي معاصر فنڪارن ۾ انفرادي اسلوب ۽ تاثر ۾ هڪ عجيب انداز پيدا ڪري چڪو آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو پر بيان نه ٿو ڪري سگهجي.(۷) امرجليل وٽ تخيل جي زبردست طاقت آهي. هو ڪردارن کي انهن جي مشابهتي شين سان ايتري ته سهڻي فارم ۾ فٽ ڪري ٿو جو هر پڙهندڙ جي ذهن تي عڪس چٽا ٽي اڀري اچن ٿا. مثال طور ڪالم جوهڪ ٽڪروهيٺ لکجي ٿو، ”گينڊي کي سگ نه هو،سگ بدران ڪيس ڏاڙهي هئي، مڇون غائب هوس. وات ۾ پان هوس، پرون لاهي چاڙهي پاڪستاني ايڪٽر طالش وانگر متا ڦوڪي ۽ ڪڏهن ڍرا ڪري ڳالهائي رهيو هو. سپ کان وڏي ڳالھ ته گينڊي جي اکين تي عينڪ به چڙهيل هئي. جنهن جي پنيان سندس چنجهيون اکيون ڪنهن فتني لاء چمڪي ٽمڪي رهيون هيون.“(۸)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سماج ۾ رهندڙ ڪنهن به شخص ڪي جڏهن انهيءَ جي وصفن جي آڌار تي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تڏهن پنهنجي ڳالهه ۾ وزن پيدا ڪرڻ لاءِ اسين سندس جهڙيون صفتون رکندڙ ڪنهن مشهور ڪردار سان تشبيهه ڏيندا آهيون، جيئن سخاوت لاءِ حاتم طائي وغيره ٿورو تصور ڪجي ته گيندو لفظ ٻڌڻ سان اسانجي ذهن ۾ ڪهڙي تصوير اڀري اچي ٿي ، سماج جو اهو مانوس ڪردار جيڪو تضادن جو شڪار هجي. ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو،”هو تخليق ڪارآهي،سندس تخليق ۾ انفراديت آهي. مثال طور روزانه هلال پاڪستان ۾ ’تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون‘ ۾ چينو عرف بينو، ڪٻو، ٽيڏو، چٻو، ڪڳو، نواب گانگٽ، ڪامريڊ بي ايماني، شيخ شوڙو، مارشل ڳجهڙو سندس تخليقون آهن.“(٩)

امرجليل جي اسلوب ۾ موثر اظهار بيان هن جي تخليق ڪيل ڪردارن جي واتان چورايل مڪالما آهن. هو ننڍن ننڍن مڪالمن ذريعي ڪنهن به موضوع ڪي نئون رخ ڏيڻ جي اعلي صلاحيت رکي ٿو. ڪالم لکندي پڻ هن پنهنجي انهيءَ ادبي صلاحيت کان ڪم ورتو آهي. پروفيسر سليم ميمڻ لکي ٿو،” دلچسپ ڊائلاگز امرجليل جي تحريرن جي جان آهن، اگر اهي هن جي لکڻين مان ڪڍيا وڃن ته اهي بيجان ٿي وڃن ۽ فني طور تي پلاٽ ليس ٿي وڃڻ جو خطرو آهي.“(١٠)

مٿي اسان امرجليل جي تخليق ڪيل علامتي ڪردارن جي باري ۾لکيو آهي، انهن ئي علامتي ڪردارن جي مڪالمن ذريعي هن ڪهڙي نه سهڻي تشريح ڪئي آهي. لکي ٿو: ”نوجوان وراڻيو،’مان پنهنجي فرم جو پاڻ نمائندو آهيان‘.“

ويري گڏ، صاحب پڇيو، ”اسانکي ٻه روڊ رولر گهرجن، تون سپلاءِ ڪري سگهندين؟“

نوجوان چيو، ”مان في الحال هڪ روڊ رولر سپلاءِ ڪري سگهندس“.

”هڪ“ صاحب چيو!، ”ٺيڪ آهي، في الحال هڪ سپلاءِ ڪر، پوءِ جلد ئي ٻي روڊ رولر جو بندوبست ڪجانءِ“

نوجوان ٿڌو ساهه کنيو، چيائين،”هڪ روڊ رولر ته هتي ئي حاضر آهي“.

صاحب کان ڇرڪ نڪري ويو،چيائين،”ڇا مطلب ؟“





”روڊ رولر ڏامر ۽ پٿر جي رستن تي هلندا آهن.“ نوجوان چيو ”مان به پٿر ۽ ڏامر جي رستن تي رلندو آهيان. مان جيئرو جاڳندو روڊ رولر آهيان.“(١١)

هڪ بيروزگار نوجوان جي بيوسي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن اجائي لفاظيءَ کان ڪم وٺڻ جي بجاءِ ٺاهوڪن مڪالمن ۽ علامتن ذريعي پنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو آهي. امر جليل جا ڪردار فئنٽسي نه آهن بلڪ جيئرا جاڳندا اسان ڪي هر هنڌ نظر اچن ٿا، فرق صرف اهو آهي جو هن ڪردارن جي انهيءَ رخ کان اسانکي روشناس ڪرايو آهي جو لڪل آهي.هو پنهنجين لکيل تحريرن لاءِ چوي ٿو، ”منهنجو ادب درد ۽ تڪليف مان جنم وٺندو آهي،مان جيستائين ڪنهن به نظام لاءِ بي انتها نفرت ۽ روح ۾ بي چيني محسوس نه ڪري سگهندو آهيان تيستائين لکي نه سگهندو آهيان.“(١٢) جنهن وقت امر جليل اهو ادب تخليق ڪيو،انهيءَ وقت سنڌي ماڻهو ويچار ڳيءَ واري ڪيفيت مان گذري رهيو هو. ون يونٽ جي عذاب کي ڀوڳڻ کان پوءِ سنڌي نوجوان جذباتي۽ مشتعل هو، خود جليل به انهيءَ ڪيفيت ۽ ڀوڳنا جي عذاب مان گذري رهيو هو.اهو ئي سبب آهي جو هن جي لکڻين ۾ اسان کي سماج جا منفي ڪردار ۽ رويا ليڙا پائيندي نظر اچن ٿا. بزدلن کي هن گدڙ سمجهيو آهي، رهزنن کي هن بگهڙ جي روپ ۾ محسوس ڪيو آهي، ذهني بيمارن کي هن ڪڏهن سوئر ته ڪڏهن گينڊي جي لباس ۾ پيش ڪيو آهي. هن مسڪين کي معصوم ٻڪر ۽ طوطي جو جامون پهرايو آهي ۽ ڪڏهن گامون سچار کي سچ جي سزا سهندي پيش ڪيو آهي. اها ڪيفيت هن ڪالم ۾ ڪجهه هن ريت نظر اچي ٿي، ”جلسي جي صدارت هڪ سنڌي پير ڪئي. هو سنڌ دشمن، ملن، ڪڳن ۽ ڇٻن جي وچ ۾ ڪرسيءَ تي بالم ٻڌيو ويٺو هو ۽ سنڌين کي ملندڙ گاريون ٻڌي خوش ٿي رهيو هو.جنهن وقت سنڌ دشمن جون گاريون زور ٿي پئي ويون، تڏهن مو ڳن مٿرن نعرو ٿي هنيو”پيج پاڳارا“ سنڌن مرشد ماٺ هو ته ويچارا مريد به ماٺ. گاريون ٻڌندا ۽ پيج پاڳارا جا نعرا هڻندا رهيا.“(١٣) هڪ پاسي هو وڏيرڪي ۽ پيري مريديءَ واري ذهنيت کي وائکو ڪري ٿو، ٻي طرف غريبن جي اٻوجهائي کي بيان ڪري ٿو. اها ڪيڏي نه وڏي ستم ظريفي آهي جو جهل جي ذريعي اٻوجهائي پيدا ڪئي وڃي، سوچڻ ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون ختم ڪري، مايوسي پيدا ڪئي وڃي. اسلوب جي خاص خوبي عموميت کان پاسو آهي ۽ اها اسانکي امر جليل جي ڪالمن ۾ ڇٽيءَ طرح نظر اچي ٿي. هن کي ٿورن لفظن ۾ وڏي ۽ گهري ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ آهي. اسان هن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪالمن ڪي اسلوب جي حوالي سان طنزيه توڙي ادبي ڪالمن جي صف ۾ شامل ڪري سگهون ٿا.

## موضوعاتي معيار:

امر جليل جي لکيل ڪالمن جا موضوع سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان سلهاڙيل آهن.هن سنڌ سان لاڳاپيل مسئلن کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. انهيءَ جو اعتراف ڪندي هو لکي ٿو،" مونکي اعتراف آهي ته منهنجو دين ڌرم سنڌ آهي. سنڌ مون لاءِ عبادت آهي.سنڌ جي مٽي مون لاءِ طورسينا جي سرمي کان وڌيڪ مقدس آهي. اهو ئي منهنجين ڪهاڻين جو موضوع آهي."[١٣] ڪالمن ذريعي هن سماج جي زبون حال ۽ فرسوده سوچ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو ڪردار نه مبلغ وارو هو پر طريقو مبلغن وارو نه هو. هن ملا نصيرالدين وانگيا پنهنجو پيغام پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ملانصيرالدين جيڪو صوفي درويش هو ۽ ١٣ صديءَ ۾ ترڪيءَ ۾ رهندو هو.

عرب جي صحرائن ۾ گهمندي هن صوفياڻ روايتن کي طنز ۽ مذاح جي پيرايي ۾ پيش ڪيو.هو لکي ٿو،"مان لکڻ لاءِ مواد پنهنجي معاشري مان حاصل ڪندو آهيان. سن ١٩٤٧ع کان هن ڪتاب جي اشاعت تائين اسانجي معاشري ۾ ڪجهه به نه بدليو آهي، مان جڏهن ننڍو هيس تڏهن مونکي صوف جي نالي ۾ ڪائڻ لاءِ ڦٽل ناشپاتي ڏني ويئي آهي،هينئر چيني کي صوف جي نالي ۾ ڪائڻ لاء ناشپاتي ڏني ويئي آهي. وياج کي نفعي جو نالو ڏيڻ سان سماجي ۽ معاشرتي انقلاب نه ايندو آهي."[١٥] ڪالمن ۾ پهاڪن کي موضوع بڻائي، انهن کي ايتري هنرمنديءَ سان استعمال ڪيو اٿس جو ذهن هڪ نئين رخ تي سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي.مثال طور، ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا پهاڪي طور استعمال ٿئي ٿو ۽ هن انهيءَ کي ڪالم جو بنياد بڻائي لکيو آهي: "مون ڏاڍي کي چيو،" پنهنجي لٺ ته ڏيکار." ڏاڍي مونکي پنهنجي لٺ ڏيکاري . لٺ جي هڪ پاسي هٿ رکندي ڏاڍي کان پڇيم،" هي ته آهي تنهنجي لٺ جو هڪ مٿو، تنهنجي لٺ جو ٻيو مٿو ڪٿي آهي؟" ڏاڍو منهنجي سادگيءَ تان کليو،منهنجي هٿ مان لٺ وٺي،ڦيرائي مٿيون پاسو هيٺ ۽ هيٺيون پاسو مٿي ڪندي چيائين،" هي آهي





منهنجي لٺ جو ٻيو مٿو." ڏاڍي جي لٺ کي هٿ لڳائيندي پڇيم،"يار ڏاڍا تنهنجي لٺ کي ٻه مٿا ڇو ٿيندا آهن؟"، "دنيا جي هر لٺ کي ٻه مٿا ٿيندا آهن، پر ماڻهو استعمال فقط هڪ ڪندا آهن،"، ڏاڍي چيو، "لٺ جي ٻئي پاسي کي فقط ڏاڍا استعمال ڪندا آهن، تنهن ڪري ابوجهه ويچارا ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا سڏيندا ۽ محسوس ڪندا آهن."[١٦] ڏٺو وڃي ته امر جليل جدت طراز (innovative) آهي، هو هر خيال کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي قدرتي ڏات رکي ٿو . موضوعن جي انهيءَ نواڻ ئي هن کي پڙهندڙن ۾ بيپناهه مقبوليت عطا ڪئي آهي، ڇو ته جڏهن ڪابه تحريري تخليق وندرائيندڙ،سيکاريندڙ ۽ جذبا اڀاريندڙ هجي ته ادب ۾ انهيءَ جو مقام پاڻ ئي طئي ٿي ويندو آهي. اردوءَ ۾ ابن انشا اهڙيءَ ريت مذاح کي سنجيدگيءَ سان هم آهنگ ڪيو آهي، هن به مشهور روايتن کي نئين ڊنگ سان لکيو آهي. امر جليل اهڙيءَ ريت ٻين به پهاڪن کي موضوع طور ڪنيو آهي، مثال طور، ٻهرن کان ٻير گهرڻ، پٽين کي ڪن ٿيندا آهن، گدڙ ڌاڪ نه ٿو پڄي آکي ٿو کٽا، وغيره.

ڪالم نويس ۾ ذهني پختگي (maturity) ڪمال درجي جي هئڻ لازمي آهي. هن کي حالتن جو ادراڪ هجڻ گهرجي. خاص طور تي هن ۾ حال جي حقيقتن کي نظر ۾ رکندي، مستقبل جو انديشو ڪرڻ گهرجي،معني هن ۾ اها لياقت هجڻ گهرجي ته هو مستقبل جي پيشنگوئي ڪري سگهي. شفيق جالندري لکي ٿو، " ڪالم نويس پڙهندڙ لاء دوست جو ڪردار ادا ڪندو آهي. هو اهڙن موضوعن کي لکڻ لاءِ چونڊيندو آهي، جنهن سان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ عوام جو واسطو هوندو آهي. انهيءَ سان گڏ ڪالم نويس اعلي اخلاقي قدرن کي بيان ڪندي سماجي برائين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن".[١٧]امر جليل پنهنجي پڙهندڙن لاء هڪ اهڙي دوست جو ڪردار ادا ڪيو آهي جو انهن جا ڏک محسوس ڪرڻ سان گڏ انهن کي گهٽائڻ لاءِ ڪوشش به ڪري ٿو. اها ڪوشش آهي اها مرڪ جا هن جي گهري طنز مٿان اچي ٿي. هن پاڻ کي انهيءَ عوام جو حصو سمجهيو آهي جو شعور ۽ لاشعور جي وچ تي هراسجي بيهي رهيو آهي. واٽون ويهه ٿيون اهڙيءَ ئي ڪشمڪش ۾ گهيريل انسان تان هن لکيو آهي. داڻي داڻي تي مهر لڳل هوندي آهي ۾ هو ايشيا ۽ آفريڪا جي بک ۾ ورتل ٻار جي تڪليف ۽ غذائي قلت کي جنهن خوبيءَ سان بيان ڪري ٿو اهو هر پڙهندڙ کي هن جي ويجهو آڻي ڇڏي ٿو. هو ڪالم نويس هئڻ سان گڏ دانشورانه لياقت به رکي ٿو. قمر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شهباز پنهنجي راءِ هن طرح لکي ٿو، ”١٩٦٢ع ۾ هلال پاڪستان ڪراچيءَ مان نڪرڻ شروع ٿي. پهرئين پرچي کان ئي تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون نالي روزانو ڪالم لکڻ جي ذريعي جليل سنڌين ۾ سجاڳيءَ پيدا ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو اختيارڪيو هو. سنڌ جي دشمنن لاءِ هي ڪالم هضم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو، ڇو ته جليل پنهنجي مخصوص انداز ۾ سنڌين چوڏا لاهڻ شروع ڪيا هئا.“(١٨) ١٩٦٢ع کان ١٩٧٧ع تائين هن تقريبا ٨٠٠ ڪالم لکيا آهن. سراج الحق ميمڻ اها ڳالهه تسليم ڪري ٿو ته امرجليل جي ڪالم هلال پاڪستان اخبار جي سرڪيوليشن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جو اها اردو ۾ نڪرندڙ جنگ اخبار جي سرڪيوليشن ويجهو پهتي هئي.

## ٻوليءَ جو معيار:

ڪنهن به نثري صنف ۾ ٻوليءَ جو معيار انهيءَ جي مقبوليت کي وڌائڻ يا گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ٻولي يا تحريري زبان جيڪڏهن اخبار لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته انهيءَ جو عام فهم هجڻ ضروري آهي.تمام دقيق ۽ ڏکيا لفظ يا وري انگريزي ۽ اردو گاڏڙ زبان سبب ٻولي پنهنجي اصلوڪي خوشبو ۽ هڳاءُ ختم ڪريو ڇڏي.

امرجليل جي لکيل ڪالمن جي ٻولي انتهائي جاندار آهي. هن ٻوليءَ جي عام فهم اصطلاحن، پهاڪن، تشبيهن ۽ ترڪيبن کي نهايت خوبيءَ سان پنهنجي مطلب مطابق استعمال ڪيو آهي. ڪالم جيئن ته صحافت جي دائري ۾ اچي ٿو انڪري ادبي ٻوليءَ جو استعمال ضروري نه آهي پر جليل جو ڪالم صرف صحافتي مقصد پورا ڪرڻ لاءِ نه هوبلڪ هن ادب کي به صحافت ذريعي وڌايو ۽ ويجهايو. سندس هڪ ڪالم جو هي پيراگراف پڙهڻ وٽان آهي، ”منهنجي فليٽ جي سامهون ڇمون ڇمون جا گهاٽا ۽ وڏا وڻ آهن، ڇمون جي وڻن ٻور جهليو آهي گذريل هفتي جي تيز طوفاني هوائن ۽ واچوڙن ڪانپوءِ به ٻور نه ڇڻيو آهي، ٽارين سان لڙڪل آهي. وڻن ۾ ٻور لڳڻ علامت آهي اميد جي! جيستائين وڻ ٻور جهليندا رهندا، اسين مايوس نه ٿينداسين. امڙ! الائي ڇو هينئر منهنجي دل تي تنهنجي هڪ پراڻي خط جو هڪ جملو تري آيو آهي. تو پنهنجي ڪنهن خط ۾ لکيو هو ته، ”اها قوم جيڪا ڪشتو ڪٽندي آهي، سا بندوق ڪٽي نه سگهندي





آهي.“(١٩) هن ڪالم ۾ بيان ڪيل ’وڻن جي ٻور‘ کي هن ’اميد‘ جي علامت طور محسوس ڪرايو آهي. هڪ تاريخ کان بيخبر ۽ مستقبل جي باري ۾ غير يقين ۽ حال کان بيحال قوم ۾ اميد جو عنصر پيدا ڪرڻ ۽ مستقبل لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي اتساهڻ ئي هڪ ليکڪ جو بنيادي فرض آهي. ’تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون‘ ۾ انتهائي گهرائي جون ڳالهيون ٻن صفحن ۾ يا ايستائين جو ٻن جملن ۾اهڙيءَ ته خوبيءَ سان بيان ڪيل آهن ڄڻ ڪوزي ۾ دريا بند ڪيو هجي. صوفي مت جو قائل امر جليل جڏهن عشق جي آفاقيت کي ظاهر ڪرڻ گهري ٿو ته سچو آهي سبحان جهڙا ڪالم لکجي وڃن ٿا. نثر ۽ نظم جي ميلاپ سان هن ڪيڏو نه دلچسپ تجربو ڪيو آهي، لکي ٿو.

”واٽون ويهه ٿيون! مان ڪيڏانهن وڃان؟“ چيم، ”ڪا واٽ ڪنهن واٽ جي پڇاڙي آهي. ڪنهن واٽ جي پڇاڙي ٻي ڪنهن واٽ جي شروعات آهي.“ جواب مليو، ”ٻيو ڪو چاهڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله“. پڇيم ،”۽ شريعت؟“ جواب مليو، ”جيڪي آهي هِت، هُت به اهو ئي اٿئي. پيچ اها ئي پيت،تان تون اهو ئي رهين.“ پڇيم، ”۽ ملن جي فتوا؟“جواب مليو:

”مسجد ۽ محراب جي ڪانهي ڄڻن ڄاڻ
پرين ٻيٺو پاڻ، ڪعبي ۾ ڪافر ٿي“.
پڇيم ،”۽ زندگيءَ جو سفر؟“ جواب مليو،
”هڪ سفر ساعت،ٻيو سفر سال جو
پهريون تان راحت،پويون تان پوءِ رهيو“.
سچل سائين کان پڇيم، ”۽ حقيقت؟“ جواب مليو،
”هو پيءِ ڪين اڇٽو،هي پيءِ ڪين ويو
نفي ۽ اثبات کان پري خيال ويو
سچو سچ ٿيو، پي پانهپ ٻولي ناهه ڪي.“(٢٠)

امر جليل ٻوليءَ کي استعمال ڪندي نوان تجربا پڻ ڪيا آهن، جنهن ۾ عام مروج اصطلاحن کي هڪ نئين فارم ۾ فٽ ڪرڻ هن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي، مثال



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طور، ”جڏهن پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻبو آهي، تڏهن ڪنڌ خودبخود جهڪي ويندو آهي، تو پنهنجي پير تي ڪهاڙو هنيو آهي، تنهن ڪري تنهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي.“(٢١)
امر جليل جي ڪالمن جي اها خوبي هن جي سچائپ آهي جو هر پڙهندڙ هن جي ٻوليءَ مان ئي پرکي وٺندو ته هي ڪالم امر جليل جو ئي ٿي سگهي ٿو.

جنهن وقت ۾ امرجليل جا اهي ڪالم شائع ٿي رهيا هئا ان دؤر ۾ هلال پاڪستان ۾ رشيد ڀٽيءَ جو مذاحيه ڪالم ۽ عبدالڪريم سعدي جو ڪالم ’جهاتيون‘ به ڇپبا هئا ۽ ٻئي ڪالم پڙهندڙن جو وسيع حلقو رکندا هئا پر ’تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون‘ کي پسند ڪرڻ وارن ۾ نوجوان طبقي جي گهڻائي هئي. انهن ڪالمن ۾ فرق ’اسلوب‘ جو هو، ٻوليءَ جي لحاظ کان رشيد ڀٽي ۽ سعدي جو قلم به چڱو هو پر اسلوب ۾، امرجليل جو ڪالم گوءِ کٽي ويندو هو. روزانه عبرت جي صفحن تي نور عباسيءَ جو مذاحيه ڪالم ’واٽ ويندي‘ شائع ٿيندو هو. جڏهن ته اردو ۾ ابن انشا جو مذاحيه ڪالم روزانه جنگ جي صفحن تي شائع ٿيندوهو، انهيءَ ۾ سماجي مسئلن جي نشاندهي طنز ۽ مذاح جي انداز ۾ ڪندو هو ۽ پڙهندڙن ۾ بيپناه مقبول هو ٻي پاسي ارشاد احمد حقانيءَ جو ڪالم سياسي معاملن جي اپٽار پرپور انداز ۾ ڪندو هو، جڏهن ته نواء وقت اخبار جي صفحن تي نذير ناجي جو ڪالم حڪومت تي تنقيد ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندو هو، پر انهن سڀني ۾امر جليل جو مقام بنهه منفرد آهي.هن سماجي ۽ سياسي معاملن جي عڪاسي جنهن انداز ۾ڪئي انهيءَ ڪيس پنهنجن همعصرن ۾ نمايان مقام ادا ڪيو جنهن کي اڄ سوڌو ڪوبه گهٽ ڪري نه سگهيو آهي.

## حوالا


١. Oxford English Dictionary, vol: viii,١٩٨٠, pg: ll<<.

٢. ٻگهيو، عزيزالرحمان، ’سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٦ع، ص:٥٥٥.

٣. جليل امر، ’هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر‘، مرتب: ملاح، مختيار احمد، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١١ع، ص: ١١.

٤. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’سنڌي اسلوب جو ارتقائي خاڪو‘، (مضمون)، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٦٨ع، ص:١١٤.







٥. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ جديد لاڙا‘ (مضمون)، ٽماهي مهراڻ، آڪٽوبر-ڊسمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠١١ع، ص:٦٢.

٦. جليل امر، ’سنڌو منهنجي ساهه ۾‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩١ع، ص: ٤٦.

٧. گرامي، غلام محمد، ’امر جليل جو افسانوي فن،هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر‘، مرتب: ملاح مختيار احمد، ڪويتا پبليڪيشن، ٢٠١١ع، ص:٣٥.

٨. جليل امر، ’ڳالهائيندڙ گينڊو‘ (ڪالم)، چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون، ڪاڇو پبليڪيشن،ڪراچي،٢٠١١ع، ص:١٦.

٩. سومرو، غلام قادر ڊاڪٽر، امر جليل عظيم ڪهاڻيڪار (مضمون)، ’هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر‘، مرتب: ملاح مختياراحمد، ڪويتا پبليڪيشن،حيدرآباد، ٢٠١٠ع، ص:١٢٣.

١٠. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، ’امرجليل جو افسانوي فن‘، (مضمون)، ڪلاچي، تحقيقي جرنل، سيپٽمبر، ٢٠٠٨ع، ص:٨٣.

١١. جليل امر، ’جيجل منهنجي ماء‘، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، ٢٠٠٩ع، ص:١٠٠، ١٢.

١٢. جليل امر، ’هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر‘، مرتب: ملاح، مختيار احمد، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١١ع، ص:٢٩٧.

١٣. جليل امر، ’سنڌو منهنجي ساهه ۾‘، سڳنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ١٩٨٤ع، ص:١٧.

١٤. ساڳيو،ص: ٢٦.

١٥. جالنڌري شفيق، ’ڪالم نويسي‘، علمي ڪتب خانه، لاهور، ١٩٧٢ع، ص:٢٧.

١٦. شهباز قمر، ’درد جو سفر‘ (مضمون)، ’هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر‘، مرتب: مختيار احمد ملاح، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١٠ع، ص:١٠٤.

١٧. جليل امر،جيجل منهنجي ماء،ڪاڇو پبليڪيشن،ڪراچي، ٢٠٠٩ع، ص: ٣٣

١٨. ساڳيو، ص: ٨٤.

١٩. جليل امر، ’چيني ۽ چريٽ جون ڪهاڻيون‘، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي،٢٠١١ع،ص: ٦٢.

٢٠. جليل امر، ’جيجل منهنجي ماء‘، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، ٢٠٠٩ع، ص: ٨٣.

٢١. ساڳيو، ص: ١٢٤.

٢٢. نوٽ: (هن مقالي ۾امرجليل جي ڪالمن مان ڪنيل ٽڪرا بعد ۾ ڇپيل سندس ڪالمن جي مجموعن مان ڪنيا ويا آهن.)


Shah Abdul Latif Bhitai Chair